هفتيوار رسالو

امير اهلِ سُنت جو 34 سال پراڻو بيان

# ذِڪرُالله جا واقعا

پُٺيءَ تي ڇَهبُڪ جو نشان

ڪيڪڙي جو شرعي حڪم

مڇيون پڪڙڻ وارن جو واقعو

قابلِ رشڪ ڪير؟


شيخ طريقت، امير اهلسنت، دعوتِ اسلامي جو باني، حضرت علامه مولانا ابو بلال

محمد الياس عطار قادري رضوي دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَ الصَّلٰوةُ وَ السَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ

اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ؕ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ؕ

# ڪتاب پڙهڻ جي دعا

ديني ڪتاب يا اسلامي سبق پڙهڻ کان پهريان هيٺ ڏنل دعا پڙهي ڇڏيو اِنْ شَآءَالله جيڪو ڪجھ پڙهندا ياد رهندو، دعا هي آهي:

اَللّٰهُمَّ افْتَحْ عَلَيْنَا حِكْمَتَكَ وَانْشُرْ عَلَيْنَا رَحْمَتَكَ يَا ذَاالْجَلَالِ وَالْاِكْرَام

**ترجمو: اي الله عَزَّوَجَلَّ اسان تي علم ۽ حڪمت جا دروازا کولي ڇڏ ۽ اسان تي پنهنجي رحمت نازل فرماءِ! اي عظمت ۽ بزرگي وارا!**

(مستطرف ج ۱ ص۴۰ دار الفكر بيروت)



طالب غم مدينہ بقيع و مغفرت

**(نوٽ: اول آخر هڪ هڪ ڀيرو درود شريف پڙهي ڇڏيو)**

رسالي جو نالو: ذِڪرُ الله جا واقعا

ڇاپو پهريون:

تعداد:

ڇاپيندڙ: مڪتبة المدينہ عالمي مدني مرڪز فيضانِ مدينہ بابُ المدينہ ڪراچي

مدني التجا: ڪنهن کي بہ هي ڪتاب ڇاپڻ جي اجازت ناهي

**ڪتاب خريد ڪندڙ توجھ فرمائن**

ڪتاب جي ڇپائي ۾ ڪا وڏي خرابي هجي يا صفحا گهٽ هجن يا بائنڊنگ ۾ اڳتي پوئتي ٿي ويا هجن تہ مڪتبة المدينہ سان رابطو فرمايو.

بـاني دعوت اسـلامي، حضـرت عـلامہ و مولانـا محـمـد الياس عطـار قـادري

# ذِكرُ اللّٰه جا واقعا

## پيشڪش

**اسلامڪ ريسرچ سينٽر المدينة العلميہ** (دعوت اسلامي)

## ترجمو

**ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ** (دعوت اسلامي)

هن رسالي جو آسان سنڌي زبان ۾ ترجمي ڪرڻ جي وس آهر ڪوشش ڪئي آهي. جيڪڏهن ترجمي يا ڪمپوزنگ ۾ ڪٿي ڪا ڪمي بيشي نظر اچي ته ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ کي آگاهه ڪري ثواب جا حقدار بڻجو.

**رابطي جي لاءِ:**


**ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ (دعوت اسلامي) عالمي مدني مرڪز فيضان مدينہ محلہ سوداگران پراڻي سبزي منڊي باب المدينہ ڪراچي**

**UAN:** ☎ +92-21-111-25-26-92 – Ext. 7213

**Email:** translation@dawateislami.net

اَلْحَمْدُ لِلّٰہِ رَبِّ الْعٰلَمِیْنَ وَالصَّلٰوۃُ وَالسَّلَامُ عَلٰی خَاتَمِ النَّبِیّٖن ط

اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰہِ مِنَ الشَّیْطٰنِ الرَّجِیْم ط بِسْمِ اللّٰہِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِیْم ط

# ذِکرُ اللّٰہ جا واقعا

**دعاءِ عطار:** يا رب ڪريم! جيڪو بہ **هي** رسالو ”ذِڪرُ الله جا واقعا“ پڙهي يا ٻڌي وٺي ان کي ٻنهي جهانن ۾ سڪون ۽ چين عطا فرماءِ ۽ ان کي ماءُ پيءُ ۽ خاندان سميت بي حساب جنت ۾ داخلا نصيب فرماءِ.

اٰمِیْن بِجَاہِ خَاتَمِ النَّبِیّٖن صلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّم

## دُرُود شريف جي فضيلت

فرمانِ آخِري نبي صلی اللہ علیہ واٰلہٖ وسلم: جنهن شوق ۽ محبت جي سبب مون تي ڏينهن ۽ رات ۾ ٽي ٽيرا درود پاڪ پڙهيو، الله پاڪ تي حق آهي تہ هُو ان جا اُن ڏينهن ۽ اُن رات جا گناهہ بخشي ڇڏي.

(معجم کبير، 18/362،حديث: 928ملتقطاً)

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

## سيدنا جنيد بغدادي ۽ پَکِي

مشهور وليُ الله حضرت جنيد بغدادي رَحْمَۃُ اللّٰہِ عَلَیْہ جي خدمت ۾ ڪنهن شخص هڪ پَکِي تحفي طور پيش ڪيو. حضرت جنيد بغدادي رَحْمَۃُ اللّٰہِ عَلَیْہ ان کي پاڻ وٽِ رکيو پر پوءِ جلد ئي ان کي آزاد ڪري ڇڏيائون. سندن خدمت ۾ عرض ڪيو ويو: ”توهان ان کي ڇو آزاد ڪري ڇڏيو؟“ پاڻ فرمائڻ لڳا: ”هِن پَکِيءَ مون کي چيو: اي جنيد! توهان پاڻ تہ آزادي سان هر طرف گهمي ڦِري رهيا آهيو، پنهنجن دوستن ۽ احبابن سان ملاقاتون

بہ ڪري رهيا آهيو، پر اوهان مون کي قيد ڪري رکيو آهي. مون کي بہ آزاد ڪري ڇڏيو تہ جيئن مان بہ پنهنجن دوستن سان ملاقات ڪري سگهان ۽ آزادي سان اُڏري سگهان.“ هُن جي اهڙي ڳالهہ ٻڌي مون کيس آزاد ڪري ڇڏيو.

حضرت جنيد بغدادي رَحمَۃُاللہِعَلَیْہ فرمائن ٿا: جڏهن مون اُن پَکِيءَ کي آزاد ڪيو تہ هُن مون کي چيو: ”اي جنيد! مان ان ڪري قيد ڪيو ويو هئس جو هڪ ڏينهن مان الله پاڪ جي ذڪر کان غافل ٿي ويو هئس. هاڻي مان توهان سان واعدو ٿو ڪريان تہ آئنده ڪڏهن بہ الله پاڪ جي ذڪر ۽ سندس ياد کان غافل نہ رهندس. اي جنيد! مان صرف هڪ ڏينهن الله پاڪ جي ذڪر کان غافل ٿيس تہ اُن جرم جي سزا مون کي قيد جي صورت ۾ ملي، تہ پوءِ انهن انسانن جو ڇا ٿيندو جيڪي سڄي زندگي الله پاڪ جي ياد کان غافل رهندا آهن؟“ اِها نصيحت ڪرڻ کان پوءِ اُهو پَکِي اُڏري ويو.

علامہ صفوري رَحمَۃُاللہِعَلَیْہ هن واقعي جي تحت فرمائن ٿا: اُهو پکي بار بار حضرت جنيد بغدادي رَحمَۃُاللہِعَلَیْہ وٽِ اچڻ لڳو ۽ ساڻن مانوس ٿي ويو. ايتري حد تائين جو جڏهن پاڻ دسترخوان تي کاڌو تناول فرمائيندا هئا تہ اُهو پکي بہ دسترخوان تي اچي ويهندو هو ۽ ساڻس گڏجي کاڌو کائيندو هو ۽ داڻا چُڳندو هو. جڏهن حضرت جنيد بغدادي رَحمَۃُاللہِعَلَیْہ جو انتقال ٿي ويو تہ اُهو پکي بہ هيٺ ڪِري پيو ۽ تڙپڻ لڳو نيٺ تڙپي تڙپي هن جو بہ دَم نڪري ويو. پاڻ رَحمَۃُاللہِعَلَیْہ جي انتقال کان پوءِ ڪنهن کين خواب ۾ ڏسي پڇيو: ”مَافَعَلَ اللهُ بِكَ؟“ يعني الله پاڪ اوهان سان ڪهڙو معاملو فرمايو؟ حضرت جنيد بغدادي رَحمَۃُاللہِعَلَیْہ ارشاد فرمايو: ”مون

هڪ بي زبان پَکيءَ تي رحم ڪيو تہ الله پاڪ مون تي بہ رحم ڪيو.“ (نزهة المجالس،1/ 20)

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! هن ايمان افروز واقعي مان اسان کي عبرت جا ڪيترائي مدني گُل ملن ٿا، جن مان ڪجهه اوهان جي خدمت ۾ حاضر آهن:

(1): جيڪو پکي الله پاڪ جي ذڪر کان غافل ٿيندو آهي اُهو قيد ٿي ويندو آهي. جمادات ۽ نباتات جو معاملو بہ ڪجهه اهڙو ئي آهي. جيئن تہ حديث پاڪ ۾ آهي: وَڻَ تي ڪُهاڙو تڏهن ئي هلندو آهي جڏهن اُهو الله پاڪ جي ذڪر کان غافل ٿيندو آهي. (مصنف ابن ابی شیبہ، 146/8،حديث:11) دنيا ۾ جيڪي بہ پکي ۽ جمادات وغيره آهن، سڀ الله پاڪ جو ذڪر ڪندا آهن ۽ هر وقت ان جي ياد ۾ سندن زبان تَر رهندي آهي.

(2): ٻيو مدني گُلُ هي حاصل ٿيو تہ الله پاڪ جي عطا سان اولياءِ ڪِرام رَحۡمَةُاللّٰہِ عَلَيۡهِم! پکين سان ڳالهائيندا آهن ۽ سندن ٻولي سمجهندا آهن.

(3): هڪ مدني گُلُ هي بہ مليو تہ چوپاين ۽ پکين سان بہ حُسنِ سلوڪ سان پيش اچڻ گهرجي. تنهنڪري جيڪي ماڻهو جانور پاليندا آهن، انهن کي هن باري ۾ سوچڻ گهرجي.

## مڇيون پالڻ

اي عاشقانِ رسول! اڄڪلهہ ماڻهو شيشي جي ننڍڙي شوڪيس ۾ پلاسٽڪ جا ڪجهه گُلَ وِجهي، ان ۾ رنگ برنگي ننڍيون ننڍيون مڇيون رکندا آهن. اُهي پياريون پياريون مڇيون شوڪيس جي شيشي کي پاڻي

سمجهي رستو ڳوليندا آهن ۽ بار بار پنهنجو مُنهُن ان سان ٽڪرائيندا آهن ۽ ڏسڻ وارا سندن اهڙي حرڪت مان لطف اندوز ٿيندا آهن. اهڙن ماڻهن کي سوچڻ گهرجي ته اِهي مڇيون وسيع سمنڊ ۾ آزادي سان ترنديون آهن پر اڄ هُنن ويچارين کي هڪ ننڍڙي شوڪيس ۾ بيدرديءَ سان قيد ڪيو ويو آهي.

توڙي جو شيشي جي شوڪيس ۾ مڇيون رکڻ حرام نه آهي پر ٿورو سوچيو! جيڪڏهن اسان کي هڪ ڪمري ۾ نظر بند ڪيو وڃي ته اسان تي ڇا گذرندي؟ يقيناً دنيا جون سموريون آسائشون مهيا هئڻ جي باوجود اسان جو جيئڻ جنجال ٿي ويندو.

اهڙي طرح انهن پکين کي ڏسي به وڏو ترس ايندو آهي جن کي ماڻهن پنجرن ۾ قيد ڪري سندن پرواز جو سلسلو منقطع (يعني ختم)ڪري ڇڏيو آهي. اِنهيءَ ئي ڳالهه جي طرف اشارو ڪندي ڪنهن شاعر ڇا ته خوب چيو آهي:

اے طائرِ لاہوتی! اس رزق سے موت اچھی
جس رزق سے آتی ہو پرواز میں کوتاہی

بهرحال الله پاڪ جي ڪنهن به مخلوق تي بغير سبب جي ظلم نه ڪرڻ گهرجي، ڪٿي ائين نه ٿئي جو اِهو ئي اسان جي آخرت جي بربادي جو سبب بڻجي وڃي.

## بِليءَ تي ظلم ڪرڻ جو عذاب

حديث پاڪ ۾ آهي ته: هڪ عورت کي ان ڪري عذاب ۾ مبتلا ڪيو ويو جو هُن هڪ ٻليءَ کي قيد ڪري رکيو هو، نه ڪيس ڪجهه

ڪارايائين پياريائين ۽ نہ ئي ڪيس آزاد ڇڏيائين تہ جيئن گھمي ڦِري ڪجھ ڪائي گذارو ڪري وٺي ها، تان جو اُها مري وئي.

(مسلم، ص1082،حديث:6675)

## پکين کي تڪليف نہ پھچي

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! جيتوڻيڪ پکي پالڻ ناجائز ۽ حرام نہ آهي، پر جيڪڏهن ڪو پالي ٿو تہ ان کي انهن جي لاءِ غذا جو ذخيرو رکڻ گھرجي تہ جئين اُهي ڪائيندا پيئندا رهن ۽ ڪين ڪنهن بہ قسم جي تڪليف نہ پھچي. جيسيتائين شيشي جي شوڪيس ۾ مڇيون پالڻ جي ڳالھ آهي تہ اِهو شوق ڪان سواءِ ڪجھ بہ نہ آهي. ٿورو غور ڪريو تہ! قيد ۾ هنن ويچارين تي ڇا گذرندي هوندي؟ اُهي کُليل پاڻي ۾ بلڪل آزاد هونديون آهن، جيڏانهن چاهينديون آهن، وينديون آهن. اوهان ڏٺو هوندو تہ اُهي ننڍيون ننڍيون مڇيون بار بار شيشي سان پنهنجو مُنھُن ٽڪرائينديون رهنديون آهن ڇو تہ شيشو ٽرانسپيرنٽ (يعني شفاف پاڻي وانگر) هوندو آهي جنهن کي هِي پاڻي سمجھي رهيون هونديون آهن. ان ڪري بار بار شيشي سان منهن ٽڪرائڻ سبب ڪين جيڪا تڪليف ٿيندي هوندي، ان کي ڪو احساس رکڻ وارو ئي سمجھي سگھي ٿو. ڪجھ ماڻھو ڏاڍا حساس هوندا آهن جيئن هڪ واقعو آهي تہ:

## پُٺِيءَ تي چَھبُڪَ جو نشان

هڪ شخص پنهنجي گھوڙي کي زور سان چَھبُڪ هنيو تہ اتي پرسان ئي ڪنهن گٺ تي ڪي بزرگ تشريف فرما هئا جن کي اُن تي ايترو صدمو رَسيو جو سندن پُٺِيءَ تي چَھبُڪَ جو نشان نھي ويو.

اي عاشقانِ رسول! جيڪڏهن اسان الله پاڪ جي مخلوق تي رحم ڪنداسين تہ اِن شاءَالله اسان تي بہ رحم ڪيو ويندو. پر جيڪڏهن نَعُوْذُبِالله! اسان اجايو ظلم ڪنداسين تہ قيامت جي ڏينهن ڦاسي ويندا سين. ياد رهي تہ! ٻڪري وغيره حلال جانور کي ذبح ڪرڻ ظلم نہ آهي ڇوجو شريعت انهن کي ذبح ڪرڻ جي اجازت ڏني آهي، پر ساڻن ظلم جون مختلف صورتون آهن. مثال طور ٻَڪرِي يا ٻڪري کي ذبح ڪرڻ وقت ايترو گهَرائيءَ تائين ذبح ڪرڻ جو ڇُرِي حرام مغز يا ڪرنگهي جي هَڏِيءَ تائين پهچي وڃي. ياد رهي تہ ڪرنگهي جي هَڏِي ڪَنڌَ کان وٺِي ڇيلهہ جي آخري ڇيڙي تائين هوندي آهي هن ۾ پُڇُ شامل نہ آهي. هِن هَڏِيءَ مان هڪ اڇي رنگ جي ڏورِي نڪرندي آهي جنهن کي حرام مغز چيو ويندو آهي، ان کي کائڻ حرام آهي، پر اڪثر ڪري ماڻهن کي ان جي خبر نہ هوندي آهي. چاپَ ۽ ڪمر جي گوشت سان گڏ اِها اڇي ڏورِي بہ اچي ويندي آهي ۽ ڪيترائي ماڻهو ان کي ٻُوٽِي سمجهي کائي ويندا آهن. جيڪڏهن گوشت ڪپائڻ وارو ماهر ۽ تجربيڪار قاصائي هوندو آهي تہ هُو اُن ڏوريءَ کي گوشت کان الڳ ڪري اُڇلي ڇڏيندو آهي، مُرغيءَ جي ڪَنڌي ۾ بہ اِها اڇي ڏورِي هوندي آهي، جيڪا حرام مغز آهي تنهنڪري ان کي بہ نہ کائڻ گهرجي.

## بي سبب تڪليف پهچائڻ ظلم آهي

جانور ذبح ڪرڻ وقت حرام مغز تائين ڇُرِي پهچائڻ بلا وجهہ تڪليف ڏيڻ آهي ڇوتہ ذبح ڪرڻ ۾ صرف چار رڳون ڪٽيون هونديون آهن ۽ ذبح ڪرڻ وقت جيڪڏهن ٽي رڳون يا چئني رَڳُن جو اڪثر حصو ڪٽجي وڃي تڏهن بہ ذبيحہ حلال ٿي ويندو آهي. (فتاوىٰ ہندیۃ، 287/5)

## ٻَڪري تي ظلم جو انداز

ڪجھ قاصائِن کي ڏٺو ويو آهي تہ خصوصاً قربانيءَ جي ڏينهن ۾، تہ اهي جلد بازيءَ ۾ ٻَڪري جي ڳَلي تي ڇُري وَهائيندا آهن ۽ پوءِ ان جي ڪَنڌَ کي ٿورو ڪَٽي يڪدم جهٽڪو ڏئي سندس ڪنڌُ ڀڃي ڇڏيندا آهن، جڏهن تہ اڃان ان جي جسم ۾ ڪجھ جانِ باقي هوندي آهي. جيڪڏهن انهن ظالمن کي سمجهايو وڃي تہ پنهنجي غلطي تسليم ڪرڻ بدران اُلٽو لڙائي ۽ جهڳڙو ڪرڻ شروع ڪري ڏيندا آهن. اهڙن کي سوچڻ گهرجي تہ جيڪڏهن انهن جو پنهنجو ڪَنڌُ اهڙي طرح ڀڳو وڃي تہ سندن ڇا حال ٿيندو! ڏسو! بي زبان جانور جيڪو نہ ڪنهن جو ڪجھ بگاڙي سگهي ٿو ۽ نہ ئي ڪنهن کي ڪا دانهن ڏئي سگهي ٿو، اُن سان هن طرح جو ظلم ڀريو انداز اختيار ڪرڻ ڪيڏو وڏو جرم آهي!

## ڳَئونءَ تي ظلم جو انداز

اهڙي طرح ڪجھ ظالم قاصائي ڳَئون ذبح ڪرڻ وقت سندس ڳِلي جي ڳلَ چِيريندي ڇُري کُپائي ان جي دل جون رڳون ڪٽي ڇڏيندا آهن. ٿورو غور ڪريو! بي زبان جانور جنهن جون ٽنگون ٻڌل هونديون آهن، ڪيرائڻ کان پوءِ ڪيترن ئي ماڻهن ڪيس پڪڙي رکيو هوندو آهي ۽ مٿان وري ويچاريءَ جي زنده هئڻ جي حالت ۾ ڳلَ چِيري ڇُرِي کُپائي سندس دل جي رڳون ڪٽڻ ۽ پوءِ هٿ ۾ ڇُري ڪٽي بهادرن وانگر سندس پاسي ۾ ويهڻ، ڄڻ ڪو وڏو قلعو فتح ڪري ڇڏيو آهي. ذبح ڪرڻ جو هي انداز يقيناً، يقيناً، يقيناً جانور تي ظلم ۽ ڪيس بي سبب تڪليف پهچائڻ آهي. جن ماڻهن جي سِينَن ۾ شفقت ڀَرِي دل هوندي آهي، انهن لاءِ هي وڏو تڪليف ڏيندڙ ڪم آهي.

اي عاشقانِ رسول! اوهان پاڻ وٽِ ۽ جتي اوهان جي ڳالهه ٻڌي ويندي آهي، اُتي قرباني ۽ جي موقعي تي هن طرح جي ظلم کي روڪيو. ياد رکو! جڏهن جانورن جي معاملي ۾ اسان جي دل همدردي ۽ شفقت ڀَري هوندي ته اِنْ شَآءَ اللهُ الْكَرِيْم! اسان کي ثواب به ملندو ۽ معاشري جي اصلاح ۾ به مدد حاصل ٿيندي، ڇوته جڏهن اسان جانورن تي شفقت ڪرڻ وارا هونداسين ته انسانن تي ته اڃان وڌيڪ شفقت ڪرڻ وارا بڻجي ويندا سين.

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! اوهان بيان جي شروعات ۾ ٻڌو ته حضرت جنيد بغدادي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه کي هڪ اهڙو پَکي تحفي طور پيش ڪيو ويو جيڪو الله پاڪ جي ذڪر کان غافل ٿيڻ جي ڪري قيد ٿي ويو هو. هن قِسم جو هڪ ٻيو دلچسپ واقعو اوهان جي خدمت ۾ پيش آهي:

## الله جي ياد کان غافل مڇيون

هڪ بزرگ پنهنجي ننڍڙي ڌيءَ کي ساڻ ڪري درياءَ جي ڪناري تي آيا ۽ مڇيون پڪڙڻ لڳا. هُو مڇيون پڪڙي پنهنجي ڌيءَ کي ڏئي رهيا هئا ته جيئن هوءَ کين ٽوڪريءَ ۾ جمع ڪندي رهي. ڪافي دير کان پوءِ جڏهن اُهي بزرگ شڪار کان فارغ ٿيا ته ڏٺائون ته ٽوڪري خالي آهي. هنن ڌيءُ کان پڇيو: ”مڇيون ڪيڏانهن ويون؟“ سندن ڌيءُ جواب ڏنو: ”بابا سائين! توهان ٻڌايو هو ته ماهيگِير جي جارَ ۾ اُها ئي مڇي ڦاسندي آهي جيڪا الله پاڪ جي ياد کان غافل ٿي ويندي آهي. تنهنڪري اوهان جيڪا به مڇي پڪڙي مون کي ڏئي رهيا هئا ته مان اِهو سمجهي ته شايد هيءَ اُها ئي مڇي آهي جيڪا الله پاڪ جي ياد کان غافل ٿي وئي

آهي. تنهنڪري مان ان مڇيءَ جو منهن پڪڙي ڪيس اِهو چئي واپس درياءَ ۾ موڪلي پئي ڇڏيو تہ ”ڏِس! تون الله پاڪ جي ذڪر کان غافل ٿي اسان جي ڄارَ ۾ ڦاسي وئي آهين، هاڻي مان توکي مهلت ڏيان ٿي، وڃ ۽ آئنده الله پاڪ جي ياد کان غافل نہ ٿِجان، ان سان گڏوگڏ منهنجي ذهن ۾ هيءَ ڳالهہ بہ آئي تہ ڪٿي ائين نہ ٿئي جو هنن غافل مڇين کي کائي اسان بہ الله پاڪ جي ياد کان غافل ٿي وڃون.(نزہۃ المجالس ،18/1ماخوذاً)

هن واقعي مان کو اِهو نہ سمجهي تہ مڇي کائڻ حرام آهي. ياد رکو! مڇي حلال آهي، فقط اُها ئي مڇي حرام آهي جيڪا پاڻيءَ ۾ قدرتي موت مَرِي اُبتي ٿي ترڻ لڳي. (درِّمختار، 511/9)

## ڪيڪِڙي جو شرعي حڪم

اي عاشقانِ رسول! هي اصول ذهن نشين ڪري ڇڏيو تہ مڇيءَ کان سواءِ پاڻيءَ جو هر جانور حرام آهي. (بدائع الصنائع،144/4) ڪيڪِڙو کائڻ حرام آهي ڇو تہ اِهو مڇي نہ، پر پاڻيءَ ۾ رهڻ وارو هڪ جانور آهي. (فتاویٰ رضویہ،208/24)

## جِهينگو کائڻ ڪيئن آهي؟

جِهينگي *(Prawn)* جي باري ۾ عُلماءِ ڪِرام ۾ اختلاف آهي. ڪجهہ علما چون ٿا تہ جِهينگو مڇي آهي، ڪجهہ چون ٿا تہ مڇي نہ آهي. منهنجا آقا اعليٰ حضرت، امامِ اهل سنت مولانا شاهہ امام احمد رضا خان رَحۡمَۃُ اللهِ عَلَیۡه فرمائن ٿا: جِهينگو کائڻ خلافِ اَوليٰ آهي، يعني بهتر هي آهي تہ نہ کاڌو وڃي. (فتاویٰ رضویہ،339/20ملخصاً)

حضرت علامہ مولانا مفتي محمد امجد علي اعظمي رَحۡمَۃُ اللهِ عَلَیۡه ارشاد فرمائن ٿا: ”جِهينگي جي باري ۾ اختلاف آهي تہ اِهو مڇي آهي يا نہ؟ ان

ڪري سندس حِلت ۽ حُرمت (يعني حلال ۽ حرام هئڻ) ۾ به اختلاف آهي. ظاهري طور ان جي شڪل مڇيءَ جهڙي نه لڳندي آهي پر هڪ قسم جو ڪيڙو لڳي رهيو هوندو آهي، تنهنڪري ان کي کائڻ کان بچڻ ئي گهرجي. (بہارِ شریعت، 325/3، حصّہ:15)

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! پکي هجن يا ڪا بي زندهہ شيءِ، سڀ اللّٰه پاڪ جي تسبيح ڪندا آهن ۽ سندس ياد ۾ مگن رهندا آهن، جيئن پارو **15** سورة بني اسرائيل جي آيت نمبر **44** ۾ اللّٰه پاڪ جو فرمان آهي: وَاِنۡ مِّنۡ شَیۡءٍ اِلَّا یُسَبِّحُ بِحَمۡدِہٖ ترجمو ڪنزالعرفان: ۽ ڪا به شيء اهڙي نه آهي جيڪا ان جي حمد بيان ڪرڻ سان گڏ ان جي پاڪائي بيان نه ڪندي هجي.

هن مبارڪ آيت جي تحت مولانا سيد محمد نعيم الدين مراد آبادي رَحۡمَۃُ اللّٰہِ عَلَیۡہ ارشاد فرمائن ٿا: حضرت عبد اللّٰه بن عباس رَضِیَ اللّٰہُ عَنۡہُمَا فرمايو آهي ته هر زندهہ شيءِ اللّٰه پاڪ جي تسبيح ڪندي آهي ۽ هر شيءِ جي تسبيح سندس حيثيت مطابق آهي.

صدر الافاضل رَحۡمَۃُ اللّٰہِ عَلَیۡہ وڌيڪ فرمائن ٿا ته مفسرين بيان ڪيو آهي ته دروازو کولڻ جو آواز ۽ ڇت جو ڇِنڪَڻ به تسبيح ڪندو آهي ۽ انهن سڀني جي تسبيح سُبۡحٰنَ اللّٰہِ وَبِحَمۡدِہٖ آهي.

(خزائن العرفان،پ15،بنی اسرائیل،تحت الآیۃ:44،ص533)

اي عاشقانِ رسول! پکي ۽ چوپايا سڀ پنهنجي پنهنجي ٻوليءَ ۾ اللّٰه پاڪ جي تسبيح بيان ڪندا آهن.

## جهنگ ۾ مون کان سواءِ ذڪر ڪرڻ وارو ٻيو ڪو به نه آهي

حضرت سيدنا موسيٰ عَلَيۡهِ السَّلَام هڪ جهنگ مان الله پاڪ جو ذڪر ڪندي گذري رهيا هئا ته اوچتو سندن دل ۾ خيال آيو ته شايد هن جهنگ ۾ مون کان سواءِ ڪو ٻيو الله پاڪ جو ذڪر ڪرڻ وارو نه هوندو. الله پاڪ سيني پکين، درندن ۽ چوپاين کي حڪم ڏنو ته سيئي پنهنجي پنهنجي ذڪر جو آواز بلند ڪريو ته هر پاسي کان پکين، درندن ۽ چوپاين جي ذڪر جو آواز بلند ٿيڻ لڳو. سيدنا موسيٰ عَلَيۡهِ السَّلَام فوراً هن معاملي کي سمجهي ويا ۽ سجدي ۾ وڃي الله پاڪ کان معافي گهرندي عرض ڪيائون: يا الله پاڪ! ڇا زمين جي هيٺان به تنهنجو ذڪر ٿي رهيو آهي؟ الله پاڪ ارشاد فرمايو: اِضۡرِبۡ بِعَصَاعَلَى الۡاَرۡضِ يعني پنهنجي عصا (لَٺِ) زمين تي هڻو. سيدنا موسيٰ عَلَيۡهِ السَّلَام زمين تي پنهنجي عصا هنئي ته زمين ڦاٽي پئي ۽ ان مان ڇوليون هڻندڙ پاڻي نظر اچڻ لڳو، پوءِ حڪم ٿيو ته اُن پاڻيءَ تي به عصا هڻو. پاڻ عَلَيۡهِ السَّلَام پاڻيءَ تي به عصا هنئي ته پاڻي جو سِينو ڦاٽي پيو ۽ اُن مان هڪ ڪارو پٿر ظاهر ٿيو. الله پاڪ جي حڪم سان ان پٿر تي به عصا هنئي وئي ته اهو پٿر ٻن حصن ۾ ورهائجي ويو. ان مان هڪ سائي رنگ جو جانور نڪتو جيڪو الله پاڪ جو ذڪر ڪري رهيو هو. سيدنا موسيٰ عَلَيۡهِ السَّلَام ڪانئس پڇيو: ”تنهنجي عمر ڪيتري آهي؟“ هن وراڻيو: ”**300 سال**.“ فرمايائون: ”تنهنجو ڪم ڪهڙو آهي؟“ هن چيو: ”ڇا الله پاڪ جي ياد کان وڌيڪ ڪو ٻيو اهم ڪم به آهي؟ اي موسيٰ! مان هر وقت الله پاڪ جي ياد ۾ مشغول رهندو آهيان. مون کي ڏينهن ۾ به پيرا پاڻي ڏنو ويندو آهي پر مان ان خوف وِچان پاڻي نه پيئندو آهيان ته ڪٿي ائين نه

ٿئي جو آئون پاڻي پيئڻ ۾ مشغول ٿي وڃان ۽ ان دوران منهنجو موت واقع ٿي وڃي ۽ مان الله پاڪ جو ذڪر ڇڏي غفلت جو موت مري وڃان.“ ايترو چوڻ کان پوءِ اهو سائي رنگ جو جانور غائب ٿي ويو، پٿر پاڻيءَ جي اندر هليو ويو ۽ زمين ٻيهر پنهنجي اصلي حالت ۾ اچي وئي.

(انيس الواعظين ،ص64)

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! اوهان ڏٺو تہ زمين جي اندر رهڻ واري مخلوق بہ الله پاڪ جو ذڪر ڪندي آهي. ان سلسلي ۾ هڪ ٻيو واقعو بہ ملاحظہ فرمايو:

## هن ڪِيڙي کي ڇو پيدا ڪيو ويو آهي؟

حضرت امام محمد بن محمد غزالي رحمةُاللهِعليه نقل ڪن ٿا تہ الله جا نبي حضرت داؤد عَلَيْهِ السَّلَام پنهنجي مبارڪ گهر ۾ زبور شريف جي تلاوت ڪري رهيا هئا تہ مِٽيءَ مان هڪ ڳاڙهي رنگ جو ڪِيڙو ظاهر ٿيو. سندن دل ۾ خيال آيو تہ ”خبر ناهي هِن ڪيڙي کي ڇا جي لاءِ پيدا ڪيو ويو آهي؟“ الله جي حڪم سان اُهو ڪِيڙو الله جي نبي سيدنا داؤد عَلَيْهِ السَّلَام کي مخاطب ٿي چوڻ لڳو: ”اي الله جا نبي! جڏهن ڏينهن جو وقت ايندو آهي تہ الله پاڪ منهنجي دل ۾ هيءَ ڳالهہ داخل ڪري ڇڏي آهي تہ مان ڏينهن جي وقت روزانو هڪ هزار ڀيرا سُبْحٰنَ اللهِ وَالْحَمْدُ لِلّٰهِ وَلَا اِلٰهَ اِلَّا اللهُ وَاللهُ اَكْبَرُ پڙهان. اي الله جا نبي! منهنجي رات هن طرح گذرندي آهي جو الله پاڪ جي عنايت ۽ سندس حڪم سان مان هر رات هڪ هزار ڀيرا هي درود پاڪ اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى مُحَمَّدِنِ النَّبِيِّ الْاُمِّيِّ وَعَلٰى آلِهٖ وَصَحْبِهٖ وَسَلِّمْ پڙهندو آهيان. توهان ارشاد فرمايو تہ مان توهان مان ڪهڙو فائدو حاصل ڪريان

۽ ڪيئن فيض حاصل ڪريان؟“ ڪِيڙي جي ڳالهه ٻڌي سيدنا داؤد عَلَيۡهِ السَّلَام الله پاڪ کان ڏجي توبهه ڪئي ۽ ان تي ئي تي پروسو ڪيو.
(مکاشفة القلوب ،ص10)

اي عاشقانِ رسول! هن ڳاڙهي رنگ جي ڪِيڙي تہ اسان کي لوڏي چڏيو آهي تہ هُو ڏينهن جي وقت روزانو هڪ هزار پيرا سُبۡحٰنَ اللهِ وَالۡحَمۡدُ لِلّٰهِ وَلَآاِلٰهَ اِلَّا اللهُ وَاللهُ اَکۡبَرُ پڙهي رهيو آهي ۽ رات جو روزانو هڪ هزار پيرا درود شريف پڙهي رهيو آهي، جڏهن تہ اسان جي حالت هيءَ آهي جو اسان روزانو هڪ هزار پيرا تہ نهيو پر 100 پيرا بہ درود شريف نہ پڙهي سگهندا آهيون. جيڪڏهن اسان کي ڪا فضول ويهڪ يا ڪَچَهريءَ جو موقعو ملي وڃي تہ ڪلاڪن جا ڪلاڪ بور نہ ٿيندا آهيون ۽ ماڻهن جو مذاق اڏائيندا رهندا آهيون. لطيفن ۽ مذاق مسخريءَ لاءِ اسان وٽ تمام گهڻو وقت آهي. جيڪڏهن اسان کي ٽي وي ميسر ٿي وڃي تہ ٽي ٽي ڪلاڪ فلمون ۽ ڊراما ڏسندا آهيون ۽ ريموٽ سان مختلف چينلز بدلائيندا رهندا آهيون. جيڪڏهن گانا ٻڌڻ جو موقعو ملي وڃي تہ بغير ڪنهن بوريت جي ڪلاڪن جا ڪلاڪ گانا ٻڌندا رهندا آهيون، جيتوڻيڪ گانن ٻڌڻ تي سخت قسم جون وَعِيدون آهن.[1]

## گپ شپ جون محفلون ۽ ڪُوڙ

افسوس! گپ شپ جي محفلن ۾ ماڻهن کي ڪلائڻ لاءِ دل کولي ڪوڙ ڳالهايو ويندو آهي، جڏهن تہ حديث پاڪ ۾ آهي: هلاڪت آهي ان جي لاءِ

---

1 الله پاڪ جي آخري نبي صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمان آهي: ”مون کي موسيقيءَ جا اوزار (آلات) ٽوڙڻ لاءِ موڪليو ويو آهي“.(کنز العمال ،99/8،حديث:40682مختصراً)

جيڪو ماڻهن کي کِلائڻ جي لاءِ ڪوڙ ڳالهائي.(ترمذی،142/4،حديث:2322)

بدقسمتي سان اڄڪلهه ڪيترائي ماڻهو ڪوڙ جي آفت ۾ مبتلا نظر اچي رهيا آهن. ياد رهي ته صرف کلائڻ لاءِ ئي نه پر ٻين معاملن ۾ به ڪوڙ ڳالهايو ويندو آهي. هاڻي ته حالت اِها ٿي وئي آهي جو ڪوڙ ڳالهائڻ ۾ ڪنهن به قسم جو شرم يا عار محسوس نه ٿو ڪيو وڃي، پر ڪوڙ ڳالهائڻ کي هڪ فن سمجهيو پيو وڃي. اڄ جي دور ۾ جيڪڏهن ڪو ڪنهن گراهڪ سان ڪوڙ ڳالهائي، منيون منيون ڳالهيون ٻڌائي ۽ هيرا ڦيري ڪري سامان وڪرو ڪري وِجهي ته ان کي ڪامياب سيلز مين سمجهيو ويندو آهي ۽ جيڪڏهن ڪو سچ ڳالهائي سودو وڪڻي ۽ مال ۾ موجود عيب ظاهر ڪري ٻڌائي ته ماڻهو ان کي بيوقوف سمجهندا آهن ۽ سندس مذاق اڏائيندا آهن. نَعُوْذُبِالله! اڄڪلهه ماڻهن هي ذهن بڻائي ڇڏيو آهي ته ڪوڙ ڳالهائڻ کان سواءِ چارو نه آهي.

## ٻن مڇي پڪڙڻ وارن جي حڪايت

گذريل زماني ۾ هڪ مومن ۽ هڪ ڪافر مڇيءَ جو شڪار ڪرڻ لاءِ نڪتا. ڪافر پنهنجن ڪوڙن معبودن جو نالو وٺي مڇيون پڪڙيندو رهيو ۽ وٽس مڇين جو ڍير لڳي ويو. مومن الله جو نالو ڪٺي ڄار اڇليندو رهيو پر ڪيس ڪجهه هٿ نه آيو. شام جو سندس ڄارَ ۾ صرف هڪ مڇي ڦاٿي، سا به تڙپندي، لڇندي ۽ ڦٿڪندي وڃي پاڻي ۾ ڪِري. مومن خالي هٿين موٽيو ۽ ڪافر ٽوڪري ڀري موٽيو. مومن تي مقرر فرشتو افسوس ڪرڻ لڳو. الله پاڪ ان فرشتي کي جڏهن جنت ۾ مومن جو محل ۽ عاليشان مقام ڏيکاريو ته فرشتو بي اختيار ٿي چوڻ

لڳو: ”خدا جو قسم! هن عظيم الشان محل ۾ داخل ٿيڻ کان پوءِ اُن مسلمان مڇي مارڻ واري کي مڇيءَ جي شڪار ۾ ناڪاميءَ جو ڪو غم نہ رهندو.“ ۽ جڏهن الله پاڪ فرشتي کي جهنم ۾ ڪافر جو ٺڪاڻو ڏيکاريو تہ هُن چيو: ”خدا جو قسم! جڏهن هن عذاب جي جاءِ تي هُو پهچندو تہ ڪيس (ڪوڙ ساري مڇين واري) دنيا جي (عارضي) خوشي ڪو فائدو نہ ڏيندي.“ (تنبيہ الغافلين،ص136)

## گراهڪ ٿُئي ٿو تہ ٿُئِي وڃي

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! جيڪڏهن فرض ڪريو سچ ڳالهائڻ جي ڪري گراهڪ ٿُئي ٿو تہ ڀلي ٿُئِي وڃي، پر الله پاڪ ۽ سندس پياري حبيب صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم سان اسان جو محبت جو رشتو ٽٽڻ نہ گهرجي. ياد رکو! جيڪڏهن سچ ڳالهائڻ سان ڪاروبار ۾ گهٽتائي اچي ٿي تہ ڪا ڳالهہ نہ آهي. پروردگارِ عالَم جيڪو ٻنهي جهانن کي پالي رهيو آهي، جيستائين اسان جي زندگي آهي اسان کي بہ روزي ڏيندو رهندو، بکيو نہ رکندو. چاهي ڪو رشوت وٺِي، وياج جو ڪاروبار ڪري، ڪاروبار ۾ ڪوڙ ڳالهائي ۽ ملاوت وارو مال وِڪڻي وڏا وڏا بنگلا، محل ۽ ماڙيون اڏائي ڇڏي ۽ وڏيون وڏيون گاڏيون خريد ڪري وٺي، انهن کي ڏسي اسان کي الله پاڪ جي رحمت مان مايوس نہ ٿيڻ گهرجي ۽ نہ ئي اِهو گمان ڪرڻ گهرجي تہ الله پاڪ اسان جي حال کان بي خبر آهي. ياد رکو الله پاڪ اسان کي آزمائي رهيو آهي، عنقريب اسان کي بہ موت ايندو ۽ ان کي بہ جنهن حرام ذريعن سان مال ڪمايو آهي، جيڪڏهن الله پاڪ چاهيو تہ هُن جي مقابلي ۾ اسان جو معاملو قابلِ رَشڪ هوندو.

## قابلِ رَشڪ ڪير آهي؟

اي عاشقانِ رسول! خدا جو قسم! دنيا ۾ وڏيڪ مال ڪمائڻ وارو قابلِ رَشڪ نہ آهي. قابلِ رَشڪ تہ اُهو آهي جيڪو پنهنجو ايمان سلامت کڻي قبر ۾ هليو وڃي.

هر جاءِ تي ايمان لُٽڻ وارا موجود آهن ۽ شيطان طرح طرح سان ايمان تي حملا ڪري رهيو آهي، پنهنجي ايمان جي حفاظت ڪرڻ تمام وڏو مسئلو آهي. غفلت شعاري، دنياداري، صرف دنيا جو مال گڏ ڪرڻ کي ئي پنهنجي زندگيءَ جو مقصد سمجهڻ، برن ماڻهن جي صحبت ۾ رهڻ وغيره جهڙين آفتن جي هوندي جيڪڏهن ايمان سلامت رهجي وڃي تہ وڏي ڳالهہ آهي. افسوس! صد ڪروڙ افسوس! اسان کي پنهنجي ايمان جي سلامتي جو فڪر نہ آهي جيڪڏهن ايمان جي سلامتيءَ جو فڪر هجي ها تہ اسان گمراهہ بد دين ۽ برن ماڻهن جي صحبت کان پري ڀڄون ها، جيئن اسان کي ان جو حڪم بہ ڏنو ويو آهي. سيپارو 7، سورة انعام جي آيت نمبر **68** ۾ الله پاڪ فرمائي ٿو:

وَ اِمَّا يُنْسِيَنَّكَ الشَّيْطٰنُ فَلَا تَقْعُدْ بَعْدَ الذِّكْرٰى مَعَ الْقَوْمِ الظّٰلِمِيْنَ

(سيپارو: 7، سورة انعام: 68)

ترجمو ڪنز العرفان: ۽ جيڪڏهن شيطان توکي ڀُلائي ڇڏي تہ ياد اچڻ کان بعد ظالمن وٽ نہ ويهہ.

هن آيت جي تحت مفسرين فرمائن ٿا تہ هتي ظالمن مان ڪافر، مُبتَدِعين (يعني گمراهہ ۽ بد دين) ۽ فاسق مراد آهن.

(تفسيرات احمديہ،پ7،االانعام،تحت الآية:68،ص388)

ٿي سگهي ٿو تہ اهڙن ماڻهن جي صحبت ۾ رهڻ جي سبب کنهن جي دنيا تہ آباد ٿي وڃي پر آخرت برباد ٿي ويندي آهي، پر ڪڏهن ڪڏهن دنيا بہ برباد ٿي ويندي آهي.

## پنهنجي ئي غفلت جي سبب اهڙا ڏينهَن ڏسڻا پوَن

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! دنيا جي محبت، مال ۽ دولت جي لالچ ۽ غفلت جو ئي نتيجو آهي جو اڄ مسلمان تباھ ۽ برباد ٿي ويو آهي. جيڪڏهن مسلمان جي زبان الله پاڪ جي ذڪر سان تَر رهي ها ۽ سندس دل الله جي ياد ۾ مشغول هجي ها تہ اهڙي نوبت نہ اچي ها، پر افسوس! معاملو ان جي بلڪل ابتڙ آهي. پهريان جڏهن ماڻهو اک کوليندو هو تہ صبح سويري الله پاڪ جو نالو سندس ڪنن ۾ پوندو هو، جڏهن تہ هاڻي صورتحال هيءَ آهي جو ماڻهو صبح جو اک کولي ٿو تہ فلمي گانن جو آواز سندس ڪنن ۾ گونجي رهيو هوندو آهي. پهريان جڏهن ماڻهو اک کوليندو هو تہ پاڪيزه صورتون ڏسندو هو ۽ هاڻي موبائل ۾ بي حيا عورتن جا چهرا ڏسي رهيو هوندو آهي. ياد رکو بد نظريءَ جي سزا ڏاڍي هولناڪ آهي.

## اکين ۾ باھ وِڌي ويندي

منقول آهي تہ جيڪو پنهنجين اکين کي حرام سان ڀَريندو، قيامت جي ڏينهن ان جي اکين ۾ باھ ڀَري ويندي. (مکا شفۃ القلوب ،ص10)

## ڪَنن ۾ پگهريل شِيهو

حضرت سيدنا انس رضی اللہ عنہ کان منقول آهي تہ جيڪو شخص ڪنهن ڳائڻ واريءَ وٽِ ويهي گانا ٻڌندو آهي، قيامت جي ڏينهن الله پاڪ سندس

ڪنن ۾ پگھريل شِيھو وِجھندو. (ڪنزالعمال،15/96، حديث:40662 )

## پنھنجي نازڪ ۽ ڪمزور جسم تي رحم ڪائو


اي ڪمزور ۽ لاچار اسلامي ڀائرو! پنھنجي ان نازڪ ۽ ڪمزور جسم تي رحم ڪائو جيڪو نہ گرمي برداشت ڪري سگھي ٿو ۽ نہ ئي سردي، معمولي مٽي جو سُورُ بہ جنھن کان برداشت نہ ٿو ٿئي، جنھن کي ھلڪو بخار بہ پِيڙھي ڇڏيندو آھي. تہ پوءِ اھڙو جسمَ جھنم جي باھہ ڪيئن برداشت ڪري سگھندو! آہ! معمولي ڪِيڙو ڪپڙن ۾ ھليو وڃي تہ تڙپائي ڇڏيندو آھي، ڪِولي ڇَڪُ ھڻي تہ ماڻھو کان دانھن نڪري ويندي آھي، تہ پوءِ نانگن ۽ وِڇُن جا ڏنگ ڪيئن برداشت ڪري سگھندو؟ يقيناً برداشت نہ ڪري سگھندو. تنھنڪري اللہ پاڪ جي رحمت جا دروازا کليل آھن، اسان سڀني کي گڏجي سندس بارگاھہ ۾ توبھہ ڪرڻ گھرجي ۽ اُن کان ئي خير جي توفيق طلب ڪرڻ گھرجي. ياد رکو! اللہ پاڪ رحم، ڪرم ۽ فضل فرمائڻ وارو آھي ۽ ھو سوال ڪرڻ واري کي سندس طلب کان گھڻو وڌيڪ عطا فرمائيندو آھي.

ہم تو مائل بہ کرم ہیں کوئی سائل ہی نہیں ... راہ دِکھلائیں کسے راہ روِ منزل ہی نہیں

اللہ پاڪ اسان سڀني کي پنھنجي ياد ۽ پنھنجي ذڪر ڪرڻ جي توفيق بخشي، اسان سڀني جي دلين مان غفلت جو مَيرُ ۽ زنگ دور ڪري پنھنجي ۽ پنھنجي محبوب ڪريم صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي ياد سان اسان جي دلين کي منور ڪري ڇڏي. اٰمِیْن بِجَاہِ خَاتَمِ النَّبِیّٖن صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! ... صَلَّی اللہُ عَلٰی مُحَمَّد

## ايندڙ هفتي جو رسالو




فیضانِ مدینہ محلہ سوداگران، پرانی سبزی منڈی کراچی

+92 21 111 25 26 92 0313-1139278

www.maktabatulmadinah.com / www.dawateislami.net

feedback@maktabatulmadinah.com / ilmia@dawateislami.net